# نـيــڪــي

مُحمّد صديق “مسافر” پهرين اپريل 1879ع تي ٽنڊي باگي ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو بلال هو، جيڪو پوءِ بدلائي گلاب رکيو ويو. “مسافر” پهرين مڪتب ۾ ۽ پوءِ اسڪول ۾ پڙهيو.

ورنيڪيولر فائنل پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ماستر ٿي پرتي ٿيو. هُو ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد پڻ ٿي رهيو. “مسافر” سنڌي ٻوليءَ جو اعليٰ اديب ۽ شاعر آهي. نثر ۽ نظم ۾ هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. “ڪُليات مسافر” ۽ “گلشن خيال” سندس شاعريءَ جا ڪتاب آهن. “مسافر” 1961ع ۾ وفات ڪئي.

## دل

جــو قــلــب ڪــرم لطف عطــا جو گهر ٿيو،
تــي جــاءِ تسليــم جــي رضــا جو گهر ٿيو؛
نيڪيءَ جــي بــنــي جــاءِ “مسافــر” جــا دل،
ســا دل تــہ قسم رب جــو خــدا جــو گهر ٿيو!

## نيڪي

مــون ســان جــي ڪٽي ڪوبہ بُرائي تو ڪري،
دل منهنجي بُرائــيءَ مــان نــہ تــہ بـــہ ان ڏي وري؛
آءٌ ان ســان بہ دل ســاڻ ڪندس پــيــو نــيــڪــي،
تــوفــيــق جــو هــٿ شــال خــداونــد ڌري!

## نياز ۽ نوڙتَ

جــي تــوكــي "مـــســـافـــر" ارجمنـــدي گهرجي،
جــي تــوكــي دنــيـــا ۾ حـــق پسندي گهرجي؛
وٺ جـــان ۽ دل ســـان خاكســـاريءَ جـــي واٽ،
نِـــوڙِي هـــل جــي تــوكــي بلنـــدي گهرجي!

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- **شاعر خدا جو گهر ڪهڙي دل کي ٿو سڏي؟**
2- **ٻيو نمبر رباعيءَ ۾ ڪهڙي نصيحت سمايل آهي؟**
3- **بلندي حاصل ڪرڻ لاءِ شاعر ڪهڙي صلاح ٿو ڏئي؟**

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

قلب – رضا – توفيق – ارجمندي – نِوڙي.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

ڪرم – نيڪي – بلندي – برائي.

**(د) "هُو" "هُن" ضمير اشارو ڏور لاءِ ڪم ايندا آهن، توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.**